سُرها گُلَ

(اخلاقي، ادبي ۽ نيچرل نظمن جو مجموعو)

مصنف:
سيد اظهر گيلاني



سنڌي ادبي بورڊ

چار شورو سنڌ

2020ع

[هن ڪتاب جا جملي حق ۽ واسطا سنڌي ادبي بورڊ وٽ محفوظ آهن]

چاپو پهريون	ڊسمبر 2005ع	تعداد 1000
چاپو ٻيو	**جنوري 2020ع**	**تعداد 500**

هن ڪتاب جي ڪنهن به حصي کي، ناشر کان اڳواٽ حاصل ڪيل اجازت کانسواءِ، اليڪٽرانڪ يا ٻئي ڪنهن به طريقي جنهن ۾ اسٽوريج ۽ ريٽريول سسٽم شامل آهي، استعمال نٿو ڪري سگهجي.

قيمت: هڪ سؤ چاليهه رپيا

(Price, Rs: 140-00)

خريداري لاءِ رابطو:

سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر

تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ

(Ph: 022-2633679, Fax: 022-9213422)

Email: sindhiab@yahoo.com

www. Sindhiadabiboard.org

هيءُ ڪتاب حاڪم پرنٽرس اينڊ پبلشرز حيدرآباد مان سيد سڪندر علي شاهه سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ڇپائي پٽرو ڪيو.

چپائيندڙ پاران

نظم يا شعر ۾ چيل گُوڙهيون گالهيون ٻارن کي وڌيڪ سمجهه پَريو بڻائڻ لاءِ تاريخ جي اهم سبقن وانگر هوندیون آهن. اُهي سبق ٻارن کي جلد ياد ٿي ويندا آهن. بلڪ کين سڄي حياتي ياد رهندا آهن. چاکاڻ جو نظم جي لئہ، ڪَچڙن ذهنن ۾ قِرندڙ موسيقيءَ جي سنگم سان سندن اندر جي تَختي تي چِتائيءَ سان اُڪرجي پوندي آهي. جيئن يونان جي ڏاهي ارسطو چيو آهي تہ: "شاعري- فلسفي کان وڌيڪ گُوڙهي ۽ تاريخ کان وڌيڪ سبق ڏيندڙ هوندي آهي."

سنڌي ادبي بوردِ سنڌ جو قومي ادارو آهي، جنهن سنڌي ٻاراڻي ادب جي واڌاري لاءِ ڪافي بهتر ڪم ڪيو آهي ۽ سنڌ جي مڃيل ۽ نالي وارن ليکڪن ۽ شاعرن جا ٻاراڻي ادب تي سَرجيل ڪتاب شايع ڪري مڃتا ماڻي آهي. بوردِ پاران شروع ڪيل "ٻاراڻو ادب سيريز" ۾ ڪيترائي شعري مجموعا ڇپجي منظرعام تي آيا آهن. جن منجهان هيءُ ڪتاب "سُرها گل" محترم اظهر گيلاڻيءَ جي طرفان ٻارن لاءِ ڪيل شاعري جو مجموعو ٻہ هڪ اهم ۽ معلوماتي ڪتاب آهي.

سنڌي ٻاراڻي شاعريءَ جي هِن ڪتاب "سُرها گل" جو پهريون ڇاپو ڊسمبر 2005ع ۾ اداري طرفان شايع ڪري منظرعام تي آندو ويو. هاڻي هِن جو ٻيو ايڊيشن آءٌ بوردِ جي مانائتي چيئرمين جناب مخدوم سعيد الزمان 'عاطف' صاحب جي ايامڪاريءَ ۾ شايع ڪري پڙهندڙن جي خدمت ۾ پيش ڪري رهيو آهيان.

اُميد اٿئون تہ نظمن کي پڙهڻ سان نہ صرف ٻارن جي ڄاڻ ۽ شعور ۾ واڌارو ايندو، پر کين هيءُ ڪتاب بوردِ جي ٻين ڪتابن وانگر پسند ايندو.

06- جمادي الاول 1441ھ — سيد سڪندر علي شاھ

02- جنوري 2020ع — سيڪريٽري

فهرست

- ڪجهه پنهنجي باري ۾.... 5
- انتساب..... 7
- مُنڊ..... 8

ڏٽيءَ جي تعريف..... 9
مقدس وطن..... 10
علم..... 11
فجر جو تاٽو..... 12
صبح جي هوا..... 13
شام..... 14
رات..... 15
تارا..... 16
چند..... 17
چوڏهينءَ جي رات..... 18
درياهه..... 19
برسات..... 20
سردي..... 21
بهار..... 22
گل..... 23
گل سان گفتگو 24
رات جي راڻي..... 25
ڪنڊو..... 26
گرمي..... 27
متيءَ جو ڏيئو..... 28
لغڙ جي زباني..... 29
بوٽينڊو..... 30
اندلڪ..... 31
ڪوئتا جو سفر..... 32

سال جا ٻارهن مهينا..... 35
ڪوڙ جي ڪوڙڪي..... 36
ماءُ ۽ ٻار..... 37
پينگهه جو گيت..... 38
اهڙي ٻارن سان الفت ڪهڙي؟..... 39
چڪور ۽ چند..... 40
بلبل جو فرياد..... 41
ڪِيرو ۽ ڪانءُ..... 42
طوطو..... 43
قمري..... 44
پپيهو..... 45
پوپٽ..... 46
ڪُڙڪُهيتو..... 48
ماکيءَ جي مک 49
مينهن وساڙو هندول..... 50
ڪوئل..... 51
پَونر..... 52
ڪوريئڙو..... 53
مچر..... 54
شمع ۽ پروانو..... 55
جهنگ جي جهرڪي..... 56
شريف آدمي..... 57
مور چمن ۾ ناچ ڪري ٿو..... 58
هوائي جهاز..... 59
گراموفون..... 60
ريڊيو..... 61
ٽي وي 62
.....

استاد جا احسان..... 33 شام جو نظارو..... 63
نئون سال..... 34 هارن جي دعا..... 64

ڪجهَ پنهنجي باري ۾....

ڪنهن شخصيت جي سوانح حيات عموماً ۽ خود نوشت حالات زندگي قلمبند ڪرڻ خصوصاً قلمڪار کي امتحان ۾ وجهڻ جي برابر آهي. بهرحال ارشاد تي چند لڪيرون ڪاغذ تي ڪڍان ٿو. شايد انهن جي ملائڻ سان مطلب نڪري اچي. راقم الحروف تاريخ 27 جنوري سن 1918ع ۾ هڪ عالم و فاضل سادات ڊاڪٽر سيد اصغر علي شاهه جي گهر ۾ جنم ورتو. شعر:

ايندي ۽ ويندي روئي ٿو انسان ٻئي دفعا،
پنهنجي اچڻ تي پاڻ ئي پٽڪو ڪيو اٿم.

منهنجو نالو انور علي شاهه تجويز ڪيو ويو. ڏاڏي لاڏ ڪوڏ سان پلجي جوان ٿيس. والد صاحب زميندار ۽ هوشيار، شڪل ۽ شباهت جو ناهوڪو. راڳ جو ڄاڻو ۽ راڳ ٻڌڻ جو ڏاڍو شوقين هوندو هو. سنڌ خواهه هند جا مشهور ڳائيندڙ الهڏنو خان نوناري، مٺوخان، غلام علي خان وڏو، غلام علي خان ننڍو اسان جي بنگلي ۾ هفتن جا هفتا رهي فن جو مظاهرو ڪندا رهندا هئا. ان دور ۾ سائين عبدالخاق صاحب صوفي "غمدل" به پنهنجي فقراء سان گڏ ايندا ۽ عارفاڻا ڪلام ڳائيندا هئا. سنڌ ۾ حضرت غمدل ڪافيءَ جو وڏو شاعر آهي. آءُ انهن جي تتبع تي ڪافيون چوندو هوس. فقير صاحب جي ڪلام سان گڏ. اهي ڪافيون به ڳايون ويندیون هيون. شعر:

روح جي راحت آهي راڳ،
من جي مسرت آهي راڳ.

منهنجي ابتدائي اعليٰ تعليم ۽ تربيت گهر ۾ ٿي. ظاهر تعليم لاءِ اسڪول ۽ مدارس موجود هئا. جتان انگريزي، فارسي ۽ عربيءَ جا نادر نڪات ۽ سودمند اسباق عطا ٿيا. "علم جي در" تان جملي علوم ۽ فنون عنايت ٿيا. جن جي ابتدا "من عرف نفسه فقد عرف ربه" منظوم ترجمو ملاحظ فرمايو:

جنهن پاڻ کي سڃاتو، اُن رب کي سڃاتو.
انسان ٽئي ٿو اشرف، ڄاڻپ جي روشنيءَ ۾.

مون چوڏهن ورهين جي ڄمار سن 1932ع طالب علميءَ جي زماني کان شعر چوڻ شروع ڪيو آهي. ابتدائي ڄاڻ حضرت غمدل کان ملي. علم عروض هفت زبان شاعر و اديب، فقير روشن ضمير تارڪ الدنيا علام تارڪ رح علوي جن جي مهربانيءَ جو نتيجو آهي. اردوءَ ۾ علام سيماب اڪبر آبادي رهنمائي ڪئي. سن 1915ع حضرت حاجي محمود صاحب خادم، جناب علي محمد صاحب قادري، علام تارڪ جي ڪوشش سان "جمعيت الشعراء" سنڌ جو پايو پيو. نالو علام صاحب جي تخليق آهي. هن علم جي شمع تي ادب جا پروانا گڏ ٿي ويا. صوبي ۾ علم عروض پکڙجي ويو. آءُ

سيڪريٽري جنرل جي حيثيت سان شامل ٿيس، هن وقت صدر جي اعليٰ عهدي تي فائز آهيان، مون جملي اصناف سخن تي طبع آزمائي ڪئي آهي، ان ۾ اهلبيت سان اظهار عقيدت ۽ غزليات جو انگ زياده آهي، شعر:

غزل هڪ آن ۾، اظهر ٿو لکجي،
اها طبع رسا آ، مان نہ آهيان.

راقم الحروف نظر ۽ نثر ۾ بہ سئو ڪتب قلمبند ڪيا آهن، انهن مان هڪ سئو ٻارهن ڪتب صرف نظم جا، باقي نثر ۾ شمار آهن (112) ڪتابن مان سنڌي زبان جي ٻاونجاهه حرفن تي حمد، نعت، منقبت، اخلاق، طنز و مزاح وغيره تي چوويهه ردیف وار ديوان آهن، مشرقي زبانن ۾ هي پهريون ۽ پويون مثالي ڪم ۽ سنڌي ادب ۾ اضافو آهي، منهنجي اشعار جو انگ هڪ لک کان تجاوز ڪري ويو آهي، شاگرد ڪافي آهن، چند نالا تحرير ڪجن ٿا: ڊاڪٽر جناب نواز علي شوق صاحب، ڊاڪٽر علي اڪبر اسير قريشي، جناب ارشد انڊڙ، جناب حاتم جانوري روهڙي، ماسٽر چندر گرامون فون سنگر، سليمان شاهه سالم دبيروي، غلام محمد غازي عبدو شڪارپور، بيخود بلوچ پنوعاقل، بيوس بلوچ گهوٽڪي، سيد نور گيلاڻي گهوٽڪي، سيد واجد گيلاڻي، مون سن 1946ع ۾ هفت روزه "عالمگير" لاڙڪاڻي مان جاري ڪري، صحافت جي ميدان ۾ پهريون قدم رکيو، سن 1951ع سکر مان سچ، افلاطون، پڑاڏو، جاويد، هفت روزه آفر ۽ سن 1963ع ۾ هفت روزه ذوالفقار، گهوٽڪيءَ مان جاري ڪئي، ابتدا ۾ هي علاقو آفريڪا وانگر اونداهو ۽ سردارن جو ڳڙهه رهيو آهي، مون راڄي ڪاموري سيٽيل سردار، ظالم زميندار، نيم ملا، پيشه ور پير جي خلاف قلم کي گردش ۾ وڌو، غريب ۽ اٻوجهه عوام جي خدمت ڪرڻ عين فرض سمجهي، انهن جي حقن لاءِ جدوجهد جاري رکي، گويا اخبار جو دفتر شڪايت جو مرڪز بڻجي ويو، وڏيرن آڇون ڪيون، دوستي جو هٿ وڌايو ويو، مگر آءٌ قطب نما جي سُئيءَ وانگر مرڪز تي مضبوط رهيس، آخرڪار انهن پوليس کي راضي رکي، ڪوڙا فرياديءَ مسواڙي شاهد ڏئي مقدمات جو سلسلو شروع ڪيو، تاحال 62 ڪوڙا ڪيس داخل ٿيا، مقدمات جي پرمار مون کي فائدو ڏنو، خدا جي فضل سان باعزت بري ٿي ويس، مون سان عوام جو مڪمل ساٿ ۽ غريبن جون دعائون هيون:

غريبن کي چگو 'اظهر' لڳان ٿو،
غريبن جي دعائن تي تڳان ٿو.

انهيءَ دور ۾ جناب پٽي صاحب جي حڪومت آئي، اخبار کي هيڪاري تقويت حاصل ٿي، وڏيرن جا ارادا خاڪ ۾ ملي ويا، هيءَ اخبار تقريباً چاليهه سال مسلسل آب و تاب سان نڪرندي رهي، ۽ 10 جنوري 2000ع ۾ بند ٿي، ڪامورن اشتهارات بند ڪري ڇڏيا هئا، سارو وقت پنهنجي مدد پاڻ جي اصول تي زنده رهي، مون جدا جدا اوقات ۾ جن سياسي ۽ غير سياسي ادارن ۾ شرڪت ڪئي آهي، خاڪسار، ڪانگريس، هاري ڪميٽي، پاڪستان پيپلز پارٽي، انجمن مديرانِ جرائد سنڌ، مسلم ليگ (ن)، صدر آل محمد، صدر بزم تارڪ، صدر بزمِ حافظ ملت پاڪستان، صدر جميعت الشعراء سنڌ، مون مختلف اوقات ۾ هز ماسترس وائيس رڪارڊنگ ڪمپني ڪراچي ۽ دهلي، ڪولمبيا رڪارڊنگ ڪمپني لاهور، ينگ انڊيا رڪارڊنگ ڪمپني بمبئي جي رڪارڊنگ آفيسر ۽ شاعر جي حيثيت سان، سنڌ جي مشهور فنڪارن کان پنهنجو ڪلام رڪارڊ ڪرايو آهي، ماسٽر چندر، خانصاحب منو خان، پروفيسر سونا خان، ميوزڪ ڊائريڪٽر گلشن صوفي، سيد منور علي شاهه، جيوٽي ٻائي، عصمت بانو، حميده بيگم، سنڌيءَ جي پهرين فلم "ايڪتا" جي هيروئن بيگم آرا ۽ بين راڄڪين کان رڪارڊ ڪرايو آهي،

منهنجي ذاتي "تارڪ لائبريري گھوٽڪي" ۾ نادر ۽ نايابَ قلمي ڪتابن کان علاوه مختلف علم و فنون تي ڏهه هزار ڪمياب ڪتاب، اهل ذوق کي مطالع جي دعوت ڏيندا رهن ٿا. سن 1948ع موجوده حاجي ڪئمپ ڪراچي تنبن ۾ ريڊيو اسٽيشن قائم ڪئي وئي هئي. زيد. اي بخاري ڊائريڪٽر جنرل هو. آءٌ سنڌي سيڪشن جو انچارج هوس. هندو فنڪار انديا هليا ويا هئا. حالتون قابلِ برداشت نہ هيون. وقت کي ڏکي ڏينڊ لاءِ مون گيتن پري کهاڻي شروع ڪئي. ان سان گڏ سنڌي طرحي مشاعرا ٿيڻ لڳا. مٽيون ٻئي رٽون منهنجي ذهن جي پيداوار آهن. بعد ۾ ٻين انهيءَ انداز جي پيروي ڪئي. سير و سياحت، شاعري، موسيقي، ڪتب بيني، ڪتب نويسي محبوب مشغلو رهيا آهن. ها جواني ۾ شڪار جو شوق ب رهيو:

"رهيو شوقِ شڪار 'اظهر' جواني ۾
هينئر تيرِ مصائب جو شڪار آهيان."

{سيد اظهر گيلاني 15- فيبروري 2005ع}

انتساب

چوڏهن معصومن جي مبارڪ نالي.

__ اظهر گيلاني

بسم الله الرحمن الرحيم

مُنڊ

شاعري هڪ لطيف فن آهي، جيڪو انسان جي دل ۽ دماغ تي هڪ وجداني ڪيفيت طاري ڪندو آهي، شاعري نہ صرف جوانن ۽ معمر ماڻهن، بلڪ ٻارن جي دلين تي بہ جادوءَ جو اثر رکي ٿي. نثر جي بار بار پڙهڻ سان انسان جي دل کتي ٿي پوندي آهي، ان جي ابتڙ نظم کي جيترا دفعا پڙهبو، ان مان هر ڀيري نئون حظ ۽ لطف ملندو آهي. اڪثر ڪري ڏٺو ويو آهي تہ نظم ۾ ڪيل ڳالهيون، وڏن خواهہ ننڍن جي دلين تي آسانيءَ سان نقش ٿي ويندیون آهن. اڄ جا ٻار آئيندي جا ابا، علمي، ادبي ۽ دنيا جا معمار ثابت ٿيندا، انهن جون پنهنجي وڏن، خواهہ ملڪ جي شاعرن ۽ اديبن تي وڏيون ذميواريون عائد ٿين ٿيون. دنيا جي سڌريل "ترقي يافتہ" ملڪن ۾ ٻارن جي تعليم ۽ تربيت تي خاص ڌيان ڏنو ويندو آهي، انهن جي وندر ۽ ورونهن، ذهني اوسر ۽ شوق پيدا ڪرڻ لاءِ مناسب ۽ موزون مواد مهيا ڪيو ويندو آهي.

اها افسوسناڪ حقيقت آهي تہ سنڌ صوبي ۾ ورهاڱي کان پوءِ ٻارن جي لاءِ ڪتاب گهٽ ڇپيا آهن. خاص طرح نظمن جا مجموعا تہ نہ هجڻ جي برابر آهن. تقسيم کان اول انهيءَ ڏس ۾ نظم جا هيٺيان ڪتاب ڇپيا هئا:

(1) "بهارستان" از: ڪشنچند بيوس 1929ع، (2) "سامونڊي سپون" از: ڪشنچند بيوس 1929ع، (3) "احسن الاخلاق" از: حافظ محمد احسن 1935ع، (4) "گل نو بهار" از: جمع خان 1935، (5) "شعر بيوس" از: ڪشنچند بيوس، (6) "تصوير احساس" از: پرسرام ضيا 1943ع (7) "نو بهار" از: پيرو مل غريب 1945ع، (8) "پيغام عزيز" از: ليکراج ڪشنچند عزيز 1946ع، (9) "جهونگار" از: هوندراج دکايل 1946ع، (10) "سوڪس ناگرڪ و گيان" از: آغا تاج محمد 1946ع، (11) "شاعراڻي شمع" از: ليکراج ڪشنچند عزيز، (12) "زندگي" از: نرمل جيوتاڻي 1947ع وغيره. ٻارن جي ترجماني ۽ طرفداريءَ لاءِ سنڌي ادبي بورڊ جو رسالو "گل قل" ڏاڍو پاڻ پتوڙي رهيو آهي، ليڪن ايڏي وڏي خال کي پرڻ لاءِ هڪ رسالو ناڪافي آهي، دراصل ٻارن جي دلچسپيءَ ۽ معيار بلند ڪرڻ لاءِ نظم ۽ نثر جي ڪتابن جي ڏاڍي ضرورت آهي.

مون اها ڪمي محسوس ڪندي، ٻارن جي وندر ۽ ذهني اوسر کي ذهن ۾ رکي هيءَ ڪتاب "سرها گل" لکيو آهي، پنهنجي خوشي سان سنڌي ادبي بورڊ جي حوالي ڪري رهيو آهيان. هن مجموعي ۾ اخلاقي، ادبي نظم بہ شامل آهن. ڪتاب جي مڙئني مضمونن ۾ عمدا ۽ اعليٰ، سليس ۽ بامحاورا ٻولي ڪم آندي وئي آهي، اخلاق جي بلنديءَ جي تعريف ۽ تلقين اهڙي وٽندڙ ۽ انوکي انداز ۾ ڪئي وئي آهي، جيئن پڙهڻ وارن کي اهو احساس ٿئي تہ نصيحت جي ڪڙي دوا کي "هوميوپيٿي" جي مٺاڻ سان گڏ کارائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي.

هن ڪتاب ۾ 55 نظم ۽ جملي 745 اشعار موجود آهن. اُميد واثق آهي تہ اسان جون ذهين ڇوڪريون ۽ هوشيار ڇوڪرا هن شاعراڻي تحفي کي بيحد پسند ڪندا. اسان جو صلو ۽ انعام، معاوضو ۽ اُجورو، صرف انهن جي خوشي ۽ خوشنودي آهي.

17 ربيع الثاني 1400هـ — سيد اظهر گيلاني

5 مارچ سن 1980ع — اسلام آباد

ڏٹيءَ جي تعريف

زمين، آسمان، چند، سج ۽ ستارا،
سيئي تنهنجي قدرت جا آهن نظارا.
ڪڏهن آهِ سردي، ڪڏهن آهِ گرمي،
ڪڏهن آهه سختي، ڪڏهن آهه نرمي.
ڪٿي باغ آهي، ڪٿي آهه صحرا؟
ڪٿي آ جبل، ۽ ڪٿي آهه دريا؟
تون ڏرتي جي سيني مان اَنَ ٿو اُپائين،
اهو آدمي جي غذا ٿو بنائين!
تون ننديِ، وڏي جو نگهبان آهين،
تون کوٽي کري جو نگهبان آهين!
غريبن جو وارث، اميرن جو مالڪ،
تون شاهن جو والي، فقيرن جو مالڪ!
تون رزاق، سڀ کي ٿو روزي رسائين،
ڏمرجين به ڏين، وقت تي ٿو سدائين!
تون خالق، تون مالڪ، تون داتا، تون باري،
هي مخلوق ساري، تڳي تنهنجي تاري!
جي ناراض ٿين، شهر ويران جهٽ ۾،
ڪرين مهر، محلات اڏجن ٽا پٽ ۾!
تون جنهن کي ٿو چاهين، تہ عزت نصيب آ،
تون جنهن کان ٿو منهن موڙين، ذلت نصيب آ!
تون دائم ۽ي، قائم ۽ي، توکي بقا آ،
سوا تنهنجي دنيا جي هر شيءِ فنا آ!
اي ٻارو، خدا پاڪ جا گيت ڳايو،
فقط ان جي اڳ تان ئي سر کي جهڪايو.

(مدرسہ قاسم العلوم، گهوٽڪي، 7- فيبروري 1980ع)

مقدس وطن

شاد ۽ آباد رهہ منهنجا وطن، تنهنجي عزت جي مٿان قربان ڏَنَ،
تنهنجي نالي تان نچاور جان و تن، اي وطن منهنجا وطن پيارا وطن!
اسم تنهنجو، جسم تنهنجو پاڪ آ، تنهنجي الفت جو دلين ۾ ٿاڪ آ،
غيرت افلاڪ تنهنجي خاڪ آ، جت ملائڪ پيي اچي سجدا ٿا ڪن،
اي وطن، پيارا وطن!
تنهنجو ذره ذره آهي آفتاب، تنهنجو قطره قطره گوهر بي حساب،
تنهنجو هر هڪ خار آ، مثلِ گلاب، تنهنجو رڻ پٽ ٿو لڳي رشڪ چمن،
اي وطن، پيارا وطن!
پنج دريا، تنهنجي سيني مان وهن، بياس ڇا چناب، ۽ راوي چون؟
سنڌو ۽ ستلج رهن ٿا موجزن، سرزمينِ پاڪ کي سيراب ڪن،
اي وطن، پيارا وطن!
غيرت فردوس، تنهنجون سرحدون، ڪوثر و تسنيم نالا ۽ نديون،
گوهر و الماس، پربت ۽ پٽون، تنهنجو هر ذره ٿيو رشڪِ چمن،
اي وطن، پيارا وطن!
اي وطن تنهنجي محبت فرض آ، اهل دل ۾ تنهنجي عزت فرض آ،
شاعرن تي تنهنجي مِدحت فرض آ، فرض ۾ هشيار ڪن ويچو وجهن؟
اي وطن، پيارا وطن!
شاهہ پٽ تي شاعر جادو بيان ۽ درازن ۾ سچل آهي عيان،
لعلورانڪ ۾ آ تارڪ نڪته دان، روهڙي ۾ بيڪس و بيدل رهن،
اي وطن، پيارا وطن!
تنهنجو ناصر، ۽ محافظ آ خدا، مصطفائيءَ لاءِ آهي مصطفيٰ،
قلِ مشڪل واسطي مشڪل ڪُشا، تنهنجا "اظهر" حامي آهن پنجتن،
اي وطن، پيارا وطن!
(قصرالادب، گهوٽڪي، 19- ڊسمبر 1978ع)

علم

علم خدا جي رحمت آهي،
سڀ کان بهتر دولت آهي.
علم خدا جو آهي جوهر،
جنهن کان گهٽ هي لعل ۽ گوهر.
فاني آهي سيڪا دولت،
علم ۾ آهي رمز ۽ حڪمت.
دنيا دولت ختم ٿئي ٿي،
علم جي دولت کين کُٽي ٿي.
خرچ ڪرڻ سان وڌي وڃي ٿي،
خرچيندڙ جو نانءُ ڪڍي ٿي.
دولت کي ٽو چور تڪائي،
علم کي ڍاڪو هٿ نہ لڳائي.
علم کي ڪير کُٽائي سگهندو؟
علم کين لُٽائي سگهندو!
علم پڙهڻ سان جهنگلي جاهل،
بڻجي وڃي ٽو سمجهو، قابل.
علم چون ٿا "ٽين اک آهي."
ڏنو هي ڏس آ "اظهر" ڏاهي.

(ڳوٺ ڪمال مشوري، 8- جنوري 1980ع)

فجر جو ٽاڻو

ستارن سُري، رات کان موڪلايو، چراغن چيو ”بس اسان کي وِسايو،“
اونداهي پَلو پائي، منهن کي لڪايو، اچي جوت دنيا سان رستو وڌايو،
وڻن تي پکي ٿا مٺا ٻول ٻولن،
خدا جي ثنا ۾، زبان پنهنجي کولن.
چمن ۾ ٿي بلبل تپي، گيت ڳائي، ڀَنَور واس وٺندي، ٿو چڪر لڳائي،
پپيهي جي ”پي پي“ صدا ٿي ستائي، ڇڏي ڪوڪ ڪوئل جي هِردو ڏڪائي،
چَتُونءَ جي گلستان ۾ چونگار آهي،
ٿي جهرڪين جي جهرمر ۽ جهونگار آهي.
ڪري ماڪ ٿي منهن گلن جا صفا ڏس، پکيڙي آ خوشبو چمن ۾ هوا ڏس،
هوا صبح جي، آهه راحت فزا ڏس، رسائي مريضن کي روحي غذا ڏس،
مڪمل طرح سان ٿيو سوجهرو آ،
نظر کي پري اوري، پوندو پَرو آ.
هو الله اڪبر جي آئي صدا ڏس، وضو ساري مسجد وڃن پارسا ڏس،
هرن لاءِ هاري ٻنيءَ ڏي، هليا ڏس، ڪري اڳ ۾ پنهنجا مَتارا ڍڳا ڏس،
هو ڌرتي جي سيني ۾ هر کي هلائي،
اجهو ٿا ڇڏن اَنَ جا انبار لائي!
لبِ آسمان کي لڳي ويئي سُرخي، ضيا پاڻ هُرتو، رهي آهه مُشَڪي،
اچن ٿيون شعاعون مٿان، هيٺ ترڪي، وئي زعفراني ٿي گويا هي گيتي،
وڌي جوت ڌرتيءَ سان رشتو وڌايو،
تعلق وڌايو، ۽ رستو وڌايو.
شفق مان بسنتي چمڪ منهن پَسايو، بهار و خزان پاڻ ۾ هٿ ملايو،
تڪڙ ساڻ زردي، قدم کي وڌايو، پهاڙن جي چوٽين کي رنگين بڻايو،
رکيو سُون جو ڇٽ وڻن سر تي ”اظهر“،
ٿيو صبح، قدرت هي جرڪايو جوهر.

(درگاهه علامه تارڪ. 9- ڊسمبر 1979ع)

صبح جي هوا

هوا پنهنجي جوهر پسائي هلي وئي،
جي مُڪڙيون هيون گل بڻائي هلي وئي
جي گل ها انهن کي کلائي هلي وئي
جا ساوڪ سُتل هئي اٿائي هلي وئي
گلن جا ڏئڻ منهن گلستان ۾ آئي
پلَو ماڪ ۾ پر پُسائي هلي وئي
چمن ۾ شرارت جي خاطر ٿي داخل
گلن کي گلن سان ملائي هلي وئي
لڄاڙو ڪلين کي ڪري ڪِتڪتائي
لڄي ٿي نه ليڪن لڄائي هلي وئي
کڻي آئي سرهاڻ جا مڻ مٿي تي
زماني ۾ خوشبو کِنڊائي هلي وئي
جتان ٻي سڌي ٿي هٽي ڪين پنتي
وڌي تيز تر وک وڌائي هلي وئي
جي ڪنهن ڪنڊ ڦاٿي ته اٽڪل سان فوراً
وڪڙ کڻي رخ کي مَٽائي هلي وئي
ٿي واڪا وڻن جا، ٻڌا اهلِ گلشن
وڻن جا وڌي وڻ وڄائي هلي وئي
ڏسي غنچه و گل ٿڌو ساهه کڻندي
جلي جوش ۾ جند ڇڏائي هلي وئي
خبر ڪانه پئي وئي ڪيڏانهن هڪدم،
گلستان مان واري وسائي هلي وئي
اي "اظهر" هوا سڀ کي راحت رسائي
لٿي مونجهه من تان مسرت رسائي
(راهي منزل، ميهڙ، 10- ڊسمبر 1979ع)

شام

ڏرتيءَ ۾ سج ٽٻي هٽي ٿو،
عجيب منظر نظر اچي ٿو.
ڳاڙهو، هيبڙا، بادل، نظرن،
ڪارا، نيرا، بادل، نظرن.
پکي وڃي آکيرن ۾ پهتا،
ڪامي ڪم تان، گهر ڏي موٽيا.
پورو ٿي ويو ڏينهن جو پهرو،
پاڇو پيو آ، رات جو گهرو.
اونداهي ٿي پائي ليئا،
ماڻهن گهر گهر ٻاريا ڏيئا.
مسجد، مندر، گرجا، روشن،
بازارين ۾ بلب ٿا چمڪن.
هُل هنگامون بند ٿيو آ،
غلبو ننڊ ٻارن تي ڪيو آ.
گُپ چُپ جو ٿو ڏسجي عالم،
رات جي فوج وئي ٿي فالم.
ڏينهن جي محنت سڀ کي ٿڪايو،
"اظهر" گهيرٽ ننڊ جو آيو.
(امام بارگاهه، جروار، 9- جنوري 1980ع)



[رات]

ڏينهن ويو ۽ رات جو مَڪو مَتو،
پئي نٿو ڪڏ ڪوهه جو "اظهر" پتو
رات سان ٿي ڏينهن جي زينت وڌي
رات سان ٿي ڏينهن جي عزت وڌي
رات جو رولو اگر نڪري وڃي
پوءِ انسان روشنيءَ کي ڇو پڇي؟
رات تي چُپ چاپ جو پهرو لڳو
هرڪو پنهنجي آستاني ڏي ڀڳو
پهتا آکيرن ۾ طائر خوشنوا،
ڏينهن جا باغي اُٿيا چمڙا الڏا
ماٺ جي لولي وڻن کي وئي ملي
ڪَک ۽ پن جو شور و غل ويو بند ٿي
گهر ۾ "ڏيئي" جي ٿي ڏسجي روشني
درحقيقت روشني آ زندگي.
رات ۾ تارن جو چمڪو آ عيان،
ڄڻ چُنيءَ تي چِٽ هڻايا آسمان
راهرو کي واٽ وٺرائي ڇڏن،
دل گُهري منزل تي پهچائي ڇڏن
هر مسافر پنهنجي منزل تي رسي،
ٿو ڪري تعريف پنهنجي رَبَ جي.
هاري ۽ مزدور موٽي ٿا اچن،
خوش ڏسي ٻچڙن کي دل ۾ خوش ٿين
رات جو انسان ٿا آرام ڪن،
ڏينهن ساري جا نهوڙيل ٿَڪ ڀڃن
ٿا پرائو، پنهنجو غم ڀلجي وڃن
راحت و آرام سان کٽ تي سمهن
اهڙو آ آرام شاهن کي ڪٿي؟
جهڙو گهر ٿو ۾ غريبن کي ملي!



(گيمڙو، 11- جنوري 1980ع)

تارا

هي گول گول تارا
دل کي لڳن ٿا پيارا

ٿا رات ساري ٽمڪن
ساعت نہ هڪڙي ننڊ ڪن

ڦاڙي اکيون ڏسن ٿا
غافل ڏسي ڪلن ٿا

تارا رهن نہ غافل
تارن کي سمجهو عاقل

تارن جي ڏس تي هلندا
دنيا جا ڦافلا ها!

هو اڄ بہ ڪٿ گسائن؟
رستو سڏو ٻڌائين

تارن کي جو سجاڻي
موجون اهو ٿو ماڻي

ساعت ڏسَن ستارا
عامل هڻن ٿا ڌارا

ٿو چنڊ پير پائي
تارا وڃن گُسائي

جئن روشني وڌي ٿي
محفل بہ تئن ڦٽي ٿي

تارا ٿا منهن لڪائن
لڪ چپ جو فن ٻڌائن

جي ٿا پڇو حقيقت
تارا فلڪ جي زينت

اُپ تي چڙهي اي "اظهر"
موتين جي آهہ چادر

(اصغر آباد، 13- جنوري 1980ع)

چنڊ

چوڏهينءَ جي رات ڏي چمڪار چنڊ،
ڊڪَ مسافر کي ڏسي نروار چنڊ.
فوج تارن جي سان آ، تيار چنڊ،
فوج ان جو آ سپه سالار چنڊ.
ڏسندي ڏسندي ٿو وڃي جُهڙ ۾ لڪي،
ٿو ڪري ماٿهن کان شايد عار چنڊ.
چوڏهينءَ جي رات، دريا تي ڏسو،
غسل صحت ٿو ڪري نروار چنڊ.
ڪئن ٿو پيشاني پرين جي سان لڳي؟
آ پرين جي پيرَ جي پيزار چنڊ.
منهنجي چنڊ جو پير، چوڏهن چنڊ لهي،
پل ڪري پيو سَوَ دفعا سينگار چنڊ.
چنڊ جي چانڊاڻ موتين جي مثال،
چوڏهين جي رات گوهر بار چنڊ.
وڻج هي وڻجي ڪو، وڻجڻهار ٿي،
آهه چانڊوڪيءَ جو شاهوڪار چنڊ.
چوڏهينءَ کان ٿئي ٿو نظرن جو شڪار،
پندرهينءَ جو ٿي پئي بيمار چنڊ.
ماءُ کي چئي ٿو ته "لاهي ڏي مون کي"
جئن ڏسي ٿو آسمان تي ٻار چنڊ.
سِجَ جي روشن، پريل بازار ۾،
روشنيءَ جو ٿو ڪري واپار چنڊ.
چنڊ گرهڻ توڙي متس گهيرو ڪري،
ته به ڏئي ٿو وهم وٺي چمڪار چنڊ.
اهلِ دانش چنڊ کي مِٽي سڏن،
ٿي ويو متيءَ سان مٽيادار چنڊ.
چنڊ تي "اظهر" لکيو هي نظم آ،
تنهنڪري ان جي ڦري چوڏار چنڊ.

(دفتر روزنامه "مهراڻ" حيدرآباد. 11- جنوري 1979ع)

چوڏهينءَ جي رات

چنڊ چڙهيو چانڊاڻ ٿي آهي
سير چمن جو دل ٿي چاهي

چوڏهينءَ جو چنڊ، چمڪي وارو
ساري رات رهي سوپارو

گڏجي سپيئي چنڊ ڏسو اڄ
ڪري ٿي قدرت وڻڊ ڏسو اڄ

ان جي صورت سهڻي آهي
مورت پيي من مُهڻي آهي

"چوڏهن" ان جي ڪن ٿا حفاظت
ٻئي کي ڪهڙي آهي طاقت؟

چوڏهن جو آ انگ ٻہ سهڻو
اسم ٻہ سهڻو، رنگ ٻہ سهڻو

چوڏهينءَ جو چنڊ وڻي سهارو
ڪري ٿو روشن عالم سارو

چنڊ رکي ٿو گهر کي روشن
مسجد ۽ مندر کي روشن

باغ کي روشن، گل کي روشن
نرگس ۽ سنبل کي روشن

جهنگ کي روشن، ٽر کي روشن
ڏنڊن، ڏورن، برَ کي روشن

چوڏهينءَ جو چنڊ سخي ٿئي ٿو
جوت جي ٻکيا وڏي ڏئي ٿو

ڪو پيي خالي ناهہ سوالي
چنڊ چڏي ڪٿ ڪنهن کي خالي؟

چنڊ جو ٿورو، ٿورو ناهي
جڳ کي روشن رکندو آهي

چنڊ کي جئن ئي ٻار ڏسن ٿا
"چنڊ آڻي ڏيو!" ائين چون ٿا

چانڊوڪي ٿي سبق سيکاري
ٻارو هرڪو پاڻ سڌاري

چنڊ نہ وٺندو ڏوڪڙ آهي
جوت مگر ڏي ناهي ناهي

ڪريو ٿي خادم، اهڙي خدمت
جنهن مان جوڙيو جڳ ۾ عزت

ان جو نالو روشن ٿيندو،
جيڪو دنيا جي ڪم ايندو.

(تارڪ لائبريري، گهوٽڪي. 14- جنوري 1980ع)

درياهه

مان جهنگ جهر جي رونق وڃائيندو آهيان.
وهي، واهه پٽ تي وهائيندو آهيان.
مان پوکن کي پاڻي رسائيندو آهيان.
سَلن کي اُپاري، بچائيندو آهيان.
سهي سور سر تي، سدائين سوايا.
زماني کي راحت رسائيندو آهيان.
سي ڏونگر جا ڏک، ۽ هي سختيون سفر جون.
سهان ٿو، نه هرگز ٻڌائيندو آهيان.
ڪشالا ڪري ٿو، وڃي پهچان جت ڪٽ.
وڏي وهڪري کي وڃائيندو آهيان.
پهاڙن جي وڪڙن ۾، لاهين کان لهندي.
ٿي سرمست ملهار ڳائيندو آهيان.
تجارت جي ڪم کي ترقي رسايان.
مان سيني تي ٻيڙيون هلائيندو آهيان.
اڇي گرم ڏرتيءَ جي دل کي ٿو ٺاريان.
چمن ۾ نئون رنگ لاڻيندو آهيان.
شفا جو اثر منهنجي پاڻيءَ ۾ آهي.
پيڙ سان ئي صحت رسائيندو آهيان.
جڏهن مون تي سانوڻ جو پاڇو پوي ٿو.
تڏهن زور پنهنجو پَائيندو آهيان.
سُڪائي سيارو جي گهٽ، گهيو، ڏورا.
انهن کي نئين سر وَهائيندو آهيان.
وهان هڪ- ڪَرو ٿو ٻيائي ڪٽي آ؟
ڪنارن ٻنهي کي رسائيندو آهيان.
چَرندن جي پر گهور لهندو رهان ٿو.
پَرندنَ جون آسُون پُڄائيندو آهيان.

ٿو انسانيت تي رهي منهنجو ٿورو.
نه احسان پنهنجو جتائيندو آهيان.
جي سڪ سان سُجا، منهنجو دامن وٽن ٽا.
انهن کي مان سائو ٻٽائيندو آهيان.



عبادت کان اڳ ۾ وَضو ٿو ڪرايان.
بشر کي پَوتَر ٻٽائيندو آهيان.
زماني ۾ فيض ۽ ڪرم آهه جاري.
سدا گنج پنهنجو لُٽائيندو آهيان.
پلاڻي ڪڍ آهه عادت ازل کان.
پلا پال سپ تي پَلائيندو آهيان.
ٿو هر ڪنهن سان نيڪي ڪريان، نيڪ ٻڌجي.
وسان ڪين "اظهر" گهٽائيندو آهيان.
ڪريو بي غرض ٿي چگا ڪم چِتائي.
وجو پنهنجو دنيا ۾ نالو ڪمائي.

(قصر الادب، گهوٽڪي. 3- جنوري 1980ع)

برسات

ڪارا ڪڪر اڇن ٿا، فوجن جيان هلن ٿا،
گڙ گڙ ڪيو گجن ٿا، ڦڙ ڦڙ ڪيو وسن ٿا،
موتي ڪرن ٿا پٽ تي،
ڇا گهير تي، ڇا گهٽ تي؟

جُهڙ مان ڪِنوڙ ڏسي ٿي، پوکن کي اک هٽي ٿي،
برسات سخت پئي ٿي، درياهه ٿي وهي ٿي،
بارش ۾ شور آهي،
پاڻيءَ کي زور آهي.

ٻارن جي راند آهي، ڪپڑا لگّن تان لاهي،
برسات ۾ پيا ڪاهي، ڪنهن کي به خوف ناهي،
سختي هجي يا نرمي،
سردي هجي يا گرمي.

ٺنڍي هوا لڳي ٿي، جيءَ ۾ گهڙي وڃي ٿي،
ڪايا سڄي ڏکي ٿي، سردي اچي گُهٽي ٿي،
گهر ۾ پناهه ملندي،
راحت به واهه ملندي.

وَڻ ٽِڻ ڪيو غسل صحت، آئي گلن ۾ رنگت،
جاڳي زمين جي قسمت، "اظهر" ٿي حق جي قدرت،
ڪَڪَ پَن ۾ ساهه آهي،
سرسبز گاهه آهي.

(قصر الادب، گهوٽڪي. 28- ڊسمبر1979ع)

سردي

انهيءَ جو نالو سردي آهي،
اچي گهرن ۾ زوريءَ ڪاهي.

جئن سيپٽمبر ماهه ٽو گذري،
تيئن هٽي ٽي جهنڊو ٺاهي.

مهمان ٽي جو ڪنهن وٽ ايندو،
چانهه ۽ ڪافي کي ٽو چاهي.

ڏينهن جو ڪوٽ ۽ سُئيٽر تَن تي،
رات جو اوڍڻ پائي ساهي.

گرمي مٽن منهن، سرديءَ تولو،
چگّن پلن کي وجهي ٽو ڌاهي.

"انهن کي سردي سبق سيکاري"،
چون ٿا جيڪي "سردي چاهي؟"

انهن جا سردي وڻ ٽي وڃائي،
جن جي تن تي ڪپڑو ناهي.

امير هيٽر تي هٿ سيکن،
غريب مَچ تي اچن ٿا ڪاهي.

پوهه جو پارو پناهه رب جي،
پارو پوک جو ڪمر ٽو لاهي.

هاريءَ کي آ ڀٽتي ان جي،
فصل چڏيو آ پاري ڳاهي.

ڪوهيڙي جي پردي، پويان،
واجهه وجهي سج گاهي گاهي،

ڏينهن نندا ۽ راتيون اٽڪٽ،
ڏنو هي ڏس آ "اظهر" ڏاهي.

لڳندي سردي ڪيو ڪنارو،
سوير گهر ۾ پهچو پارو.

(سرحد، 21- ڊسمبر 1979ع)



بهار

قدرت ڪئي پيلائي،
سرديءَ جي ٽي صفائي،
ڏسجي ٽي خوش خدائي،
هر چيز آهه سائي،
وڻ وڻ ۾ آهه وائي،
آئي بهار آئي!

وڻندڙ هوا لڳي ٽي،
خوشبو ڪنيون اچي ٽي،
دل کي خوشي رسي ٽي،
نئين زندگي ملي ٽي،
ڪافور ٽي اگهائي،
آئي بهار آئي!

هرهڪ ڪلي ڪلي ٽي،
منهن ماڪ سان ڏُئي ٽي،
پاڻي هوا اگهي ٽي،
مکڑي جي گُل ٽئي ٽي،
سرهاڻ ڏي سدائي،
آئي بهار آئي!

ڏسجي چمن ٽو چهرو،
رنگ آ گُلن جو گهرو،
بلبل وٺي ٽي بهرو،
يون يون ڪري ٽو پونرو،
ڪوئل ڏنڏي مچائي،
آئي بهار آئي!

پاڻي ٽي برف پگهري،
پهچي سمنڊ ۾ جلدي،
پوکون پچائي پهچي،
دنيا کي گهرج اَنَ جي،
اَنَ سان ٽي سپ سڀائي،
آئي بهار آئي!

سردي جو گُم نشان آ،
گرمي جو رخ عيان آ،
دريا روان دوان آ،
"اظهر" اهو بيان آ،
پاڻيءَ جي آ چڙهائي،
آئي بهار آئي!

(علي واهڻ، 4- جنوري 1980ع)

گُل

گل جي سهڻي سوڀيا صورت، گُل جي آ من مهڻي مورت،
گُل ۾ نرمي، ناز، نزاکت، گُل ۾ آ خوشبو ۽ رنگت،
هوا لڳي ٿي، ڪِندائي خوشبو،
پري پري پهچائي خوشبو.

گُل سان بلبل جي آ اُلفت، گُل سان پونر جي روحي رغبت،
گُل تي پرواني جي طبيعت، ماکيءَ جي مک رکي ٿي چاهت،
سين کي آهي دعوت گل جي،
ڪنهن سان ڪين عداوت گل جي.

گُل ٽئي شاهه جي چَٽ جي زينت، قبر تي چاڙهن بهر عقيدت،
گُل مان جوڙن عمده شربت، گُلقند سالمر رکي ٿو صحت،
گُل جو عطر ڏي روح کي راحت،
مغز کي پهچائي ٿو طراوت.

گُل تي آهه ڪندن جو پهرو، تڏهن بہ گهاري چاق ۽ چهرو،
ناز، نزاکت ۾ آ نهرو، گهمڻ وارن کي چئي ٿو ٺهرو،
"وٺي وجو سرهاڻ جو تحفو!
صبر، حيا، ۽ ڇاڻ جو تحفو!"

جيڪو انسان جنگ ڪٽي ٿو، جيڪو زيارت ڪري وري ٿو،
جيڪو گهوٽ ٿي لاٽون لهي ٿو، جيڪو پي ڪم چگو ڪري ٿو،
ان کي "اظهر" هار پون ٿا،
گُلن جي ماڻهو ورکا ڪن ٿا.

(ضلع ڪائونسل هال، سکر، 15- ڊسمبر 1979ع)

گُل سان گفتگو

اي گُل ڏس تون ناخوش ۽ چُپ چو رهين ٿو؟
گلستان ۾ رهندي به سختيون سهين ٿو.
تون انسان جي محفل ۾ زينت جو باعث،
تون ايندي، ۽ ويندي جي عزت جو باعث.
چمن ۾ ڪري تنهنجي، مالهي ٿو خدمت،
انهيءَ هوندي ڀي آهين، غمگين صورت.
هوا صبح جي، توکي نند مان اُٿاري،
اچي ماڪ، آهستي منهن تي ڏئاري.
چمڪدار موتي، ٿا جهولي ۾ چمڪن،
بقا ڪٿ، فنا جا ٿا آثار ڏسجن؟
ڪڏهن تاج شاهيءَ جي ٻڌجين ٿو زينت،
ڪڏهن قبر تي ٿو ڪرين صد عقيدت.
غرض توکي هڪ جهٽ نه راحت رسي ٿي،
نه آ ڏوهه تنهنجو، زمين پي ڦري ٿي.
"زماني ۾ هڪ سج ۽ پاچا ٽين ٿا"
سياڻا هي "اظهر" پهاڪو ڏين ٿا.
هي قانونِ فطرت آ مٽي ٿي ويندين!
فنا جي نه هڪ ڇڻ اي نازڪ جهلندين!
(ٽُل. 29- جنوري 1980ع)

رات جي راڻي ”حسن حنا“

ملڪئہ شب سڀ توکي سڏن ٿا، تنهنجي راڄ ۾ راڄ رهن ٿا،
واس وٺن ٿا، ڀوَنر جيان سڀ، سڪ سان تنهنجو سلام ڪن ٿا،
سنگهو، سڳنڌ ٿي ڏي سمجهاڻي،
رات جي راڻي، رات جي راڻي!

تو سان مشڪ نہ عنبر لڳندو، عطر گلاب ۽ حنا نہ پڄندو،
طاقت ڪهڙي چنبيلي کي آ، موتيو آڏو زور نہ وٺندو،
توتي خوشبو جي آ پڄاڻي،
رات جي راڻي رات جي راڻي!

رات کي بخشو تو آ رتبو، وٺي مزو سرهاڻ جو سڀڪو،
خوشبو تنهنجي کِنڊي وڃي ٿي، هلي ٿو هر محفل ۾ چرچو،
وٺن ٿا نالو ڄاڻي واڻي،
رات جي راڻي، رات جي راڻي!

تون ٿي رسائين روح کي راحت، تو سان ملي ٿي من کي مسرت،
مغز معطر ڪري ڇڏين ٿي، تون ٿي بخشين دل کي طراوت،
توکي سڀ ڪنهن ڇڏيو سڃاڻي،
رات جي راڻي، رات جي راڻي!

رات ٿي آڻي تو ۾ جوڀن، بيشڪ آهين روحِ گلشن،
سخا هلي سرهاڻ جي ”اظهر“، ڀري وڃي ٿو هرڪو دامن،
هوا جي باعث ٿي گڏجاڻي،
رات جي راڻي، رات جي راڻي!

(سکر. 13- فيبروري 1980ع)